SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1981

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1981

# سنڌ يونيورسٽي قانون (ترميم) آرڊيننس، 1981

# THE SINDH UNIVERSITY LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽس XXIV ۽ XXV جي ترميم

Amendment of Sindh Acts XXIV and XXV of 1972

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽس III، IV ۽ V جي ترميم

Amendment of Sindh Acts III, IV and V of 1977

4. ڪنهن حڪومت يا تنظيم جي هٿ هيٺ خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ عملدارن، استادن ۽ ملازمن کي طلب ڪرڻ جو اختيار

Power to require Officers, teachers or employees to serve under any Government or Organization

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1981

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1981

# سنڌ يونيورسٽي قانون (ترميم) آرڊيننس، 1981

# THE SINDH UNIVERSITY LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[6 اپريل 1981]

آرڊيننس جنهن ذريعي يونيورسٽي قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد(Preamble)

جيئن تہ يونيورسٽي قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي يونيورسٽي قانون (ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽس XXIV ۽ XXV جي ترميم

2. سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۽ ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾:

(1) دفعہ 14 ڪانپوءِ هينئون ريت اضافو ڪيو ويندو:

Amendment of Sindh Acts XXIV and XXV of 1972

(پرو وائيس چانسيلر)

"A_14. (1) چانسيلر، وائيس چانسيلر سان مشوري بعد، مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس لاءِ هڪ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگھي ٿو، جيڪڏهن ڪو هجي، يا ٻنهي جي لاءِ گڏيل طور يا ڏار ڏار، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هوندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري.

(2) جتي ذيلي دفعہ (1) تحت وائيس چانسيلر مقرر ٿيل نہ آهي، جيستائين هن آرڊيننس جي ڪجھ متضاد هجي، اهڙا اختيار استعمال ڪري سگھي ٿو ۽ ڪيمپس جي سلسلي ۾، اهڙا ڪم سرانجام ڏئي سگھي ٿو، جنهن لاءِ هو مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪي ڪم چانسيلر کيس سونپي.

(3) پرو وائيس چانسيلر، جيڪڏهن مقرر ڪيو وڃي ٿو تہ هو سينيٽ، سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ايڪس آفيشو ميمبر هوندو ۽ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (2) تحت يونيورسٽي ۾ شامل سمجھيو ويندو ۽ دفعہ 9 تحت يونيورسٽي جو عملدار هوندو."؛

(2) دفعہ 22 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (iii) لاءِ، هينئين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

"(iii) سينيٽ طرفان سينيٽ جا ٻہ ميمبرز چونڊيا ويندا."؛

(ii) شق (viii) لاءِ، هينئين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

"(viii) (a) يونيورسٽي جي پروفيسرز پاران انهن منجھان هڪ پروفيسر چونڊيو ويندو،

(b) يونيورسٽي جي ايسوسيئيٽ پروفيسرز پاران انهن منجهان هڪ ايسوسيئيٽ پروفيسر چونڊيو ويندو.

(c) يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسرز پاران انهن منجهان هڪ اسسٽنٽ پروفيسر چونڊيو ويندو.

(d) يونيورسٽي جي ليڪچررز پاران انهن منجهان گهٽ ۾ گهٽ 2 سال تجربو رکندڙ ليڪچرر چونڊيو ويندو"؛

(iii) شق (xii) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(xiii) هڪ عالم ۽ هڪ عورت، جيڪي ڪنهن تعليمي اداري ۾ خدمتون سرانجام نه ڏئي رهيا هوندا، اهي چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا."؛

(b) ذيلي دفعه (2) ۾ لفظ "۽" کي لفظ "يا" سان متبادل بڻايو ويندو.

(3) دفعه 42 ۾ ذيلي دفعه (2) کانپوءِ هيٺيان نوان دفعات شامل ڪيا ويندا:

"(3) ڪنهن اختياري ۾ نامزد ڪيل يا چونڊيل ڪو ميمبر جڏهن اختياريءَ جون ٽي لاڳيتين گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهي ٿو تہ اهو وڌيڪ ميمبر نه رهندو.

(4) جيڪڏهن ڪنهن ميمبر کو منصب قبول ڪيو آهي يا اهڙي ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري يونيورسٽي کان غير حاضر آهي، جيڪو عرصو ڇهہ مهينن کان گهٽ نه هجي، تہ ان جي استعيفيٰ سمجهي ويندي ۽ اها سيٽ خالي تصور ڪئي ويندي"؛

(4) دفعه 53 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڌايو ويندو:

"(1) جيستائين ان کان اڳ ان ۾ ڪجھ شامل ٿيل نہ هجي، تيستائين:

(a) ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ڪو پيو ملازم، جيئن چانسيلر عوامي مفاد ۾ هدايت ڪري، تيئن ان مطابق حڪومت جي هٿ هيٺ يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي يا تعليمي يا تحقيقي اداري ۾ ڪنهن عهدي تي خدمتون سرانجام ڏئي سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي صورت ۾، ڪيس هدايت جاري ڪرڻ کان اڳ سنڊيڪيٽ سان مشورو ڪيو ويندو؛

(b) چانسيلر، عوامي مفاد ۾، يونيورسٽي جي خالي ڪنهن عهدي تي حڪومتي يا ڪنهن يونيورسٽي يا ڪنهن ٻئي تعليمي يا تحقيقي اداري جي ملازم جي مقرري جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي صورت ۾، آسامي تي پرتي کان اڳ سليڪشن بورڊ سان مشورو ڪيو ويندو.

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ لفظ "۽ ڪيس عهدي جون سموريون مراعتون ڏنيون ويندیون" شامل ڪيا ويندا.

(5) پهرين قاعدن (Statutes) ۾:

قاعدي 2 ۾، شق (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڌايو ويندو:

"(2) وائيس چانسيلر جي سفارش تي چانسيلر طرفان فيڪلٽي ۾ ٿي سينئر ترين پروفيسرن منجهان ٽن سالن جي عرصي لاءِ هر فيلٽي لاءِ هڪ ڊين مقرر ڪيو ويندو.";

(ii) قاعدي 3 ۾، شق (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڌايو ويندو:

"(2) ٹيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين يا هڪ اداري جو ڊائريڪٽر وائيس چانسيلر جي سفارش تي سنڊيڪيٽ طرفان ڊپارٽمينٽ جي ٽن سينئر ترين ايسوسيئيٽ پروفيسرن منجهان ٽن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو:

بشرطيڪ جتي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪو پروفيسر يا ايسوسيئيٽ پروفيسر نہ آهي، تہ اهو ڊپارٽمينٽ جي ڊين طرفان ڊپارمينٽ جي سينئر ترين استاد جي مدد سان سنڀاليو ويندو."

1977 جي سنڌ ايڪٽس III، IV ۽ V جي ترميم

Amendment of Sindh Acts III, IV and V of 1977

3. اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۽ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۾:

(1) دفعہ 15 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (ii) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڌايو ويندو:

"(iii) سينيٽ طرفان سينيٽ جا ٻہ ميمبر چونڊيا ويندا؛"؛

"(viii) (a) يونيورسٽي جي پروفيسرن پاران انهن منجهان هڪ پروفيسر چونڊيو ويندو؛

(b) يونيورسٽي جي ايسوسيئيٽ پروفيسرن پاران انهن منجهان هڪ ايسوسيئيٽ پروفيسر چونڊيو ويندو؛

(c) يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسرن پاران انهن منجهان هڪ اسسٽنٽ پروفيسر چونڊيو ويندو؛

(d) يونيورسٽي جي ليڪچررن پاران انهن منجهان گهٽ ۾ گهٽ 2 سالن جو تجربو رکندڙ ليڪچرر چونڊيو ويندو."؛

(iii) شق (xi)، آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي سيمي ڪولن سان

تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(xii) هڪ عالم ۽ هڪ عورت جيڪي ڪنهن تعيلمي اداري ۾ خدمتون سرانجام نه ڏئي رهيا هجن، اهي چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا."

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "۽" لاءِ لفظ "ٿي" کي متبادل بڻايو ويندو.

(2) موجود دفعہ 21 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(2) جتي ڪو ميمبر نامزد يا ڪنهن اختياري يا بادي ۾ چونڊيو ويو آهي، اهو اختياري يا بادي جون لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ حاضر رهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته اهو ميمبر نه رهندو.

(3) جيڪڏهن ڪنهن ميمبر ڪو منصب قبول ڪيو آهي يا اهڙي ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري يونيورسٽي کان غير حاضر آهي، جيڪو عرصو ڇهه مهينن کان گهٽ نه هجي، ته ان جي استعيفيٰ سمجهي ويندي ۽ اها سيٽ خالي تصور ڪئي ويندي."؛

(3) دفعہ 34 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"34. (1) جيستائين ان ۾ ان کان اڳ ڪجهه شامل ٿيل نه آهي، تيستائين:

(a) ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٹي جو ڪو پيو ملازم، جيئن چانسيلر عوامي مفاد ۾ هدايت ڪري، تيئن حڪومت جي هڪ هيٺ يا ڪنهن ٻي يونيورسٹي يا تعليمي يا تحقيقي اداري ۾ ڪنهن عهدي تي خدمتون سرانجام ڏيندو:

ڪنهن حڪومت يا تنظيم جي هڪ هيٺ خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ عملدارن، استادن ۽ مالزمن کي طلب ڪرڻ جو اختيار

Power to

require Officers, teachers or employees to serve under any Government or Organization

بشرطيڪ استاد جي صورت ۾، ڪيس هدايت جاري ڪرڻ کان اڳ سنڌيڪيٽ سان مشورو ڪيو ويندو.

(b) چانسيلر، عوامي مفاد ۾، يونيورسٽي جي خالي ڪنهن عهدي تي حڪومتي يا ڪنهن يونيورسٽي يا ڪنهن ٻئي تعليمي يا تحقيقي اداري جي ملازم جي مقرري جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي صورت ۾، آسامي تي پرتي کان اڳ سليڪشن بورڊ سان مشورو ڪيو ويندو.

(2) جتي هن دفعہ تحت ڪا مقرري يا بدلي ڪئي وئي آهي تہ، ان مقرر ڪيل يا بدلي ڪيل ملازم جون سهولتون انهن سهولتن کان گهٽ نہ هونديون جيڪي سندس گذريل ملازمت ۾ مقرري يا بدلي تي ڏنيون ويندیون هيون."؛

(4) پهرين قاعدن (Statutes) ۾:

(a) قاعدي 3 ۾، شق (2) لاءِ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:

ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين يا هڪ اداري جو ڊائريڪٽر وائيس چانسيلر جي سفارش تي سنڌيڪيٽ طرفان ڊپارٽمينٽ جي ٽن سينئر ترين ايسوسيئيٽ پروفيسرن منجهان ٽن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو:

بشرطيڪ جتي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪو پروفيسر يا ايسوسيئيٽ پروفيسر نہ آهي، تہ اهو ڊپارٽمينٽ جي ڊين طرفان ڊپارمينٽ جي سينئر ترين استاد جي مدد سان ڊپارٽمينٽ جو انتظام سنڀاليو ويندو."

(b) قاعدي 6 ۾، شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڌايو ويندو:

"(1) هر فيڪلٽي لاءِ وائيس چانسيلر جي سفارش تي

چانسيلر طرفان فيڪلٽي ۾ ٿي سينئر ترين پروفيسرن منجهان ٽن سالن جي عرصي لاءِ ڊين مقرر ڪيو ويندو.”؛

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**